SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXI مجريہ 2001

# SINDH ORDINANCE NO.XXXI OF 2001

## سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 2001

## THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر. XXVII جي دفعہ 28 جي ترميم
Amendment of section 28 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

3. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر. XXVII جي دفعہ 107 جي ترميم
Amendment of section 107 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

4. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر. XXVII جي دفعہ 111 جي ترميم
Amendment of section 111 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

5. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر. XXVII جي دفعہ 117 جي ترميم
Amendment of section 117 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXI مجريہ 2001

# SINDH ORDINANCE NO.XXXI OF 2001

## سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 2001

## THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[26 سيپٽمبر 2001]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ 14 آگسٽ 2001 کان هميشه لاڳو سمجهيو ويندو.

Short title and commencement

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾، جنهن کي هن ڪانپوءِ به ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعه 28 جي ذيلي دفعه (2) جي شق (e) ۾، لفظن "ضلعي حڪومت" لاءِ لفظن "هڪ سٽي ڊسٽرڪٽ، يا، جيئن معاملو هجي، ضلعي حڪومت" متبادل بڻايا ويندا.

2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر. XXVII جي دفعه 28 جي ترميم

Amendment of section 28 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعه 107 جي ذيلي دفعه (3) جي شق (a) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(a) ضلعي حڪومت جي ضلعي صوبائي اڪائونٽ جي ڪريڊٽ تي، مجاز بڻائڻ جي ذريعي، آفيسن لاءِ ڏنل فنڊس ۽ قائم ڪيل صوبائي فنڊ ذريعي ضلعي حڪومتن ڏانهن منتقل ڪيل ڪمن، روينيو فنڊ جي بنياد تي ورهايل، روينيو جي آمد بنياد تي ورهايل، سواءِ ضلعي حڪومت ڏانهن منتقل ڪيل سرڪاري آفيسن جي ملازمن کي ادائگي جي رقم جي پر ان ۾ شامل هجن سرڪار طرفان ٻيون سموريون آڪٽرا ۽ ضلعي ٽيڪس گرانٽس، جنهن سلسلي ۾ اڪائونٽنٽ جنرل ۽ هر ضعلي اڪائونٽس آفيس گرانٽ وائيس/ڊپارٽمينٽ وائيس مخصوص رجسٽر رکندي، ۽ اهڙو ڪو به بل منظور نه ڪندي جيڪو مجاز بڻايل رقم کان وڌيڪ هجي.".

2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر. XXVII جي دفعه 107 جي ترميم

Amendment of section 107 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

4. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 111 جي ذيلي دفعہ (4) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(4) ذيلي دفعہ (6) موجب، ضلعي حڪومت ۽ تعلقي ميونسپل ايڊمنسٽريشن يا ٽائون ميونسپل ايڊمنسٽريشن، دفعہ 107 جي ذيلي دفعہ (3) ۾ ڄاڻايل صوبائي اڪائونٽ سان لاڳاپيل خرچ کي ڪاتي ۾ ۽ شعبن وچ ۾ هڪ هيڊ مان ڪڍي ٻئي هيڊ ۾ رکي سگهن ٿا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي:

بشرطيڪ هر ٻيهر ترتيب جي ترتيبوار ڪائونسل کان منظوري وٺڻي پوندي:

بشرطيڪ وڌيڪ تہ ضلعي حڪومت، تعلقي ميونسپل ايڊمنسٽريشن يا ٽائون ميونسپل ايڊمنسٽريشن هر ڦير گهير جو نقل فنانس ڊپارٽمينٽ، اڪائونٽنٽ جنرل ۽ ترتيبوار ضلعي اڪائونٽس آفيسر ڏانهن اماڻيندا.".

2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر. XXVII جي دفعہ 111 جي ترميم

Amendment of section 111 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

5. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 117 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(2) تعلقي ڪائونسل ۽ ٽائون ڪائونسل تعلقي ۾ ڪنهن بہ ايراضي ۾ ملڪيت تي ٽيڪس جو ملهہ طئي ڪندا يا جيئن معاملو هجي، ٽائون حڪومت سان صلاح مشورو ڪندا.".

2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر. XXVII جي دفعہ 117 جي ترميم

Amendment of section 117 of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**